45/80

You have good writeup

# SINDHI

## NOA- Mock-6

Name: Manzoor Ali Tunio

Batch: 064-CSS25-NOA-ISB1

LMSID: 34024

Email: manzooralitunio22@gmail.com

Phone: 0311-8191076

Date: 22-12-2024

Scanned with CamScanner

① 15

# (سوال نمبر: 03)

## جواب:

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جو ڪردار ۽ اهميت

## تعارف:

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي سنڌي ادب جو **سرتاج شاعر** مڃيو ويندو آهي. شاھ سائين جو تعلق ڪلهوڙن جي دور سان آهي. پاڻ جنهن دور ۾ رهيا ان وقت فارسي ۽ عربي ٻوليءَ جو عروج هيو. پر شاھ سائين پاڻ تي ٻين ٻولين جو اثر قبول نه ڪيو ۽ پنهنجي مادري ۽ ڌرتيءَ جي ٻوليءَ کي اهميت ڏنائون. پاڻ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪيائون. شاھ سائين سان ساڻ ٽي ڪتاب هوندا هئا جن ۾ قرآن پاڪ، مولانا جلال

②

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

الدين روميءَ جو رسالو ۽ پنهنجي ذاتي شاھ ڪريم ٻلڙيءَ واري جو رسالو هوندو هيو. هوئن تہ شاھ سائين جي شاعريءَ جا هزارين پهلو آهن مگر انهن مان ڪجھ ٿورڙن تي روشني وجهون ٿا.

## شاھ جي شاعريءَ جو ڪردار ۽ اهميت

### 1- وحدانيت

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي شروعات ئي وحدت کان ٿئي ٿي. شاھ سائين جي شاعري الله تعاليٰ جي حمد وثنا سان مالامال آهي. شاھ جي شاعريءَ ۾ قرآني آيتن جو استعمال ان ڳالھ جو ثبوت آهي تہ پاڻ قرآن پاڪ کي بهتر پڙهيائون ۽ اوتهائين سان سمجهيائون. ان جو اندازو اوهان کي شاھ صاحب جي هن شعر مان ئي ويندو.

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي

قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم

والي واحد وحده، رازق رب رحيم

سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم

ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون. شاهه

مٿين بيت جي سٽن مان
ايهو واضح ٿئي ٿو ته شاهه سائين
جي شاعريءَ جي شروعات ئي الله
پاڪ جي ذات ۽ ان جي ثناءُ تعريف
سان ٿئي ٿي. جنهن ۾ هو الله
پاڪ جي خوبصورت وصف سان
هڪ مناسب نموني ڪري تعريف
ڪري ٿو جنهن مان وحدانيت جي
اهميت اجاگر ٿئي ٿي.

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

## 2- شاه سائين جون ست سورميون ۽ ان ۾ عورت جو ڪردار ۽ اهميت

شاه عبداللطيف ڀٽائي ڀرپور سنڌي ٻولي جو سردار شاعر آهي جنهن عورت جي ڪردار کي متعارف ڪرايو. پاڻ سسئي، مارئي، ليلا، سهڻي، مومل جي ڪردار ذريعي عورت جي بهادري ۽ جرئت جو پيغام ڏنائون. شاه سائين فرمائي ٿو ته.

**ڪانئر نہ ڪنڌ ڀيو، ڪيترو ئي خوب**
**ميرو ٿي محبوب، مون مارون من ۾.**
**شاه**

شاه سائين سنڌي عورت جي پاڪيزگي کي مارئي ذريعي پيش ڪري ٿو ته جنهن سان مارئي ڳالهائي پئي آهي، جو ميرو آهي، سادو آهي پر ان جي عيوض ڀيو ڪانئر نہ ڪنڌي ان پنهنجي ملڪ کي ۽ پنهنجو مٽن مائٽن کي ورتو آهي.

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

# ح شاهه جي شاعري ۾ جدوجهد جي اهميت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي
حريت جي علامت آهي ان
جي شاعري ۾ همت ۽
فلاحي مدد آهي جنهن هن بيت
۾ ڏسو.

کرڪندا لاهي سِڪ نه ستا ڪڏهن
اوڀيڙو آهي ڪاهوڙين کي
پنڌ جو - شاهه

شاهه سائين جي هي
شعر مان ظاهر ڏسجي ٿو ته
سگهن نه ننڊ نه ٿا ڪن پر هي اهي
ماڻهو آهي جيڪي منزل ڏانهن
وڌن ٿا. جاکوڙي انسان شاهه
جو سارا ميل آهي. ورهي جي
هنن فطانن ٿا ته

Date:__/__/20__ Day: M T W T F S

جان جان تي تيين
جيئن جيئن تي ڏنھن تيئن تيئن
تاڪيا پنڌ م.
تان اڳانجھو نينھن، پاڻيٺ پروڙين
سين. شاھ

شاھ سائين اڳتي وڙھ
جو سبق ڏئي ٿو ته اڳتي وڌندا
رھو. جيستائين پنھنجو سفر جاري
رکو جيستائين اوھان اتي پھچي وڃو.

4- شاھ سائينءَ جي شاعريءَ ۾
صبر ۽ ڪردار جي اھميت

شاھ سائين صبر جو درس ھن
طرح ڏئي ٿو.

ھو جوڳي تون م ڇنووتان وراڳي،
اڳ اڳيائي جو ڪھي خطا سو ڪاڳي،
پاند ۾ پائي ويو ڪيني وار ڪيني
شاھ

شاھ سائين چوي ٿو ته
صبر ۽ تحمل مان ڪم وٺو اڪر

Scanned with CamScanner

ڪوئي توهان کي غلط ڳالهائي ٿو
ته توهان ان کي ورائي نه ڏيو
ڇو ته اگر توهان ورائي ڏيندؤ
ته توهان ۾ ۽ هن ۾ ڪو فرق
نه رهندو. توهان صبر ڪيو جيڪو
اڳيان ڪڏهن اهڙيا نقصان
سهائيندو.

## 5- شاه سائين جي شاعريءَ ۾ اصول پرستيءَ جي اهميت -

شاه سائين پنهنجي شاعريءَ
ذريعي زندگيءَ ۾ اصول جي اهميت
کي اجاگر ڪيو آهي ٿو. شاه صاحب
فرمائي ٿو ته،

راءِ نه مارن رين، جو سيڻ مٿائن
سون ٿي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ماڻهن
ڪريت.
پکن جي پريت،

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

شاهه صاحب فرمائي ٿو ته اگر
توهان با اصول آهيو ته دولت
۽ سون توهان کي خريد ڪري نه
سگهندا. زندگي اصول ۽ پنهنجي قوم
وارن جي اصولن تي گذاريو نه ڪي لالچ
يا غرض خاطر پاڻ کي وڪڻيو.

## حاصل مطلب:

متن ذڪر ڪيل بحث
مان ايهو ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه
عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ڪماليت
جي اعليٰ درجي تي آهي ۽ ان ۾ سمايل
عاليشان ڪردار ۽ گهري اهميت
سندس شاعري جي اعليٰ درجي کي اجاگر
ڪن ٿيون. شاهه سائين جي شاعري جا
ڪردار جهڙوڪ سسئي، سهڻي، مارئي،
ليلان، مومل ۽ ٿر جي معاشري جي
قوت ۽ عورت جي ڪردار کي سرخرو
ڪن ٿيون. ان سان گڏ حب وطن،
وحدانيت، صبر، حوصلي ۽ اصول پرستي
جي اهميت سنڌي ادب ۾ شاهه جي شاعري
کي اعليٰ درجي تائين پهچائي ٿيون.

(9)

15

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

# (سوال نمبر: 07)

## جواب:-

## سنڌي لوڪ ادب

### تعارف:

سنڌي لوڪ ادب کي
ادبي ٻوليءَ ۾ دهڪاني ادب
جيئن آهي. سنڌي لوڪ ادب
عوامي ادب آهي. ڇاڪاڻ ته
هي عوامي زندگيءَ مان ڦٽي
نڪتو آهي. درحقيقت لوڪ
ادب سنڌي ثقافت رهڻي ڪهڻي
جي تاريخي عڪاسي ڪندڙ آهي.
لوڪ ادب ۾ ڪيئي ادبي صنفون
شامل آهن جهڙوڪ سينگار،
ڳڻا، ڳيچ، مولود، بيت، قصا
۽ ڳجهارت وغيره. سنڌي لوڪ
ادب پاڪستان جي ٻين ٻولين
کان وڌيڪ مالا مال آهي. ڇاڪاڻ
ته جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي

Date:___/___/20___ Day: M T W T F S

ته ان وقت انهن جيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ادبي خزانو وڏيو آهي.

## سنڌي لوڪ ادب جون صنفون

### 1. ڳاهه

سنڌي لوڪ ادب ۾ ڳاهه سومرن جي دور کان ٻڌو پيو وڃي. هي خوشيءَ جو گيت هوندو آهي

### 2. ڳيچ

ڳيچ به خوشيءَ جي وقت ڳايل گيت يا سهرو هوندو آهي.

### 3. ڳنا

ڳنا سومرن جي دور ۾ ملن ٿا. هي فصلن جي تيار ٿيڻ وقت خوشيءَ جو اظهار طور ڳايل گيت ٿين ٿا جن جو تعلق لوڪ ادب سان آهي.

### 4. سينگار

سينگار لوڪ ادب ۾ خوبصورتي کي نمايان ڪندڙ گيت ٿئي ٿو جيڪو حسن ۽ سينگار کي ظاهر ڪري ٿو.

### 5. مدح

مدح ڪنهن وليه يا بزرگ جي ثنا طور ڳايو ويندڙ گيت آهي جنهن ۾ تعريف هوندي آهي.

### 6. مولود

مولود نبي پاڪ ﷺ جن جي شان ۾ ڳايل تعريف ۽ ثنا آهي.

### 7. قصا

هي لوڪ ادب جي هڪ نمايان صنف آهي. درحقيقت ادب جو بنيادي جز "قصا خواني" يا قصو ٻڌائڻ کي مڃيو ويندو آهي. هي لوڪ ادب جي اعلى صنف آهي.

Scanned with CamScanner

Date: __/__/20__ Day: M T W T F S

## 8. ڀاڪا ياجوڙ

ڀاڪو به لوڪ ادب جي هڪ خوبصورت صنف آهي جنهن ۾ ڳالهيون ڇڏيون ويندو آهي.

## 9. ڳجهارت

ڳجهارت لوڪ ادب جي اها صنف آهي جنهن ۾ معني لڪيل هوندي آهي.

## سنڌي لوڪ ادب جي اهميت

سنڌي لوڪ ادب جي اهميت تمام گهڻي آهي جيڪڏهن ته ادب جي واڌ ويجهه لوڪ ادب جو وڏو اهم ۽ بنيادي حصو آهي. بلڪ ادب جي خزاني جي خبر پئي لوڪ ادب جي ڳالهائي هي عرب هوندي آهي. لوڪ ادب ادب ۾ خوبصورتي پيدا ڪندو آهي جنهن سان سنڌي ٻولي به هميشه سرشار آهي.

## حاصل مطلب:

لوڪ ادب جنهن
کي اسين "ڏهقاني ادب" يا وري
"عوامي ادب" جو نالو ڏيون ٿا
ڪنهن به ٻوليءَ جي خوبصورتي
هوندو آهي. ساڳيءَ طرح جيئن
اسان سنڌي ادب کي ڏسون ته ان
۾ به لوڪ ادب جو انمول خزانو
آهي. سنڌي لوڪ ادب جو مضمون
ڳاهه، ڳيچ، ڳيچ، ڳنا، مولود، مدح،
سينگار، قصا، پهاڪا، چوڻيون ۽
ڳجهارتون به پهريان سنڌي ادب کي
شاهڪار ادب جو درجو ڏين ٿا.
جنهن سان سنڌي ادب ڏکڻ ايشيا
۽ دنيا جي امير ترين ٻولين ۾
شامل ٿئي ٿي. سنڌي لوڪ ادب
دنيا ۾ موجود ٻين لوڪ ادبن جي
ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت جي حامل
آهي. جيئن سنڌي ٻولي کي دنيا جي
امير ٻولين جي فهرست شامل
ڪري ٿي.

## حاصل مطلب:

لوڪ ادب جنهن
کي اسين "ڏهقاني ادب" يا وري
"عوامي ادب" جو نالا ڏيون ٿا
ڪنهن به ٻوليءَ جي خوبصورتي
هوندو آهي. سڀني طرح جيئن
اسان سنڌي ادب کي ڏسون ته ان
۾ به لوڪ ادب جو اڻ کٽ خزانو
آهي. سنڌي لوڪ ادب جو صنفون
ڳاھ، ڳيچ، ڳنا، مولود، مدح،
سينگار، قصا، پهاڪا، ڏورون ۽
ڳجهارتون به پڻ سنڌي ادب کي
شاهڪار ادب جو درجو ڏين ٿا.
جنهن سان سنڌي ادب ذڪر ايشيا
۽ سنڌي ڪنهن جي امير ترين ٻولين ۾
شامل ٿئي ٿي. سنڌي لوڪ ادب
دنيا ۾ موجود ٻين لوڪ ادبن جي
ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت جي حامل
آهي. جيئن سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي
امير ٻولين جي فهرست شامل
ڪري ٿي.